SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2010
SINDH ACT NO.XVI OF 2010
زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009
THE LAND ACQUSITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 2009
فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment in Section 16 of Act No.I of 1894
3. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 23 ۽ دفعه 24 جي ترميم
Amendment in Section 23 and Section 24 of Act No.I of 1894
4. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 28_A کي ختم ڪرڻ
Omission of Section 28_A of Act No.I of 1894

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 2010
SINDH ACT NO.XVI OF 2010
زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009
THE LAND ACQUSITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 2009

[9 جولاءِ 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)	جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛ ۽ جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:
مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement	1. (1) هن ايڪٽ کي زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009 سڏيو ويندو. (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 29 آڪٽوبر 2009 تي ۽ ان ڪانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.
1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 16 جي ترميم Amendment in Section 16 of Act	2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 16 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

”بشرطيڪ عيوضي جي قيمت قبضو حاصل ڪندڙ اٿارٽي طرفان زمين جي مالڪ کي ادا ڪئي ويندي يا ان جي نالي تي سول ڪورٽ ۾ زمين جو قبضو وٺڻ کان اڳ جمع ڪرائي ويندي“.	No.I of 1894
3.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ان جي هيٺان وضاحت ۾ دفعہ 24 ۾ انگ ”4“ لاءِ انگ ”6“ متبادل ٿيندو.	1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 23 ۾ دفعہ 24 جي ترميم Amendment in Section 23 and Section 24 of Act No.I of 1894
4.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 28_A کي ختم ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت ختم ڪيو ويندو ڄڻ اهو ڪڏهن لاڳو ئي نہ ٿيو هو.	1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 28_A کي ختم ڪرڻ Omission of Section 28_A of Act No.I of 1894
نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	